# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 2006

# SINDH ACT NO.X OF 2006

# سنڌ سرڪاري ملازم هائوسنگ فائونڊيشن ايڪٽ، 2005

# THE SINDH CIVIL SERVANTS HOUSING FOUNDATION ACT, 2005

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، شروعات ۽ عملدرآمد

Short title, commencement and application

2.وصفون
Definitions
3.فائونڊيشن جو قيام
Establishment of the Foundation
4.بورڊ آف ڊائريڪٽر
Board of Directors
5.عارضي آسامي
Casual Vacancy

6.بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

7.بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the Board

8.مئنيجنگ ڊائريڪٽر

Managing Director

9.ساليانی پروگريس رپورٽ

Annual progress report

10.فنڊ جو قيام

Establisment of fund

11.فائونڊيشن جي ميمبرشپ

Membership of the Foundation

12.ميمبرشپ ختم ڪرڻ

Termination of membership

13.ڪنٽريبيوشن جمع ڪرڻ جو طريقو ۽ اڪائونٽس سنڀالڻ

Manner of Collection of Contribution and maintenance of accounts

14.رهائشي ايڪن جو نيڪال

Disposal of residential units

15.رهائشي پلاٽن جي لوڪيشن، ڪيٽيگرائزيشن، ايلوڪيشن ۽ قيمت

Location, categorizaton, allocation and price of residential units

16.بجيٽ ۽ آڊٽ

Budget and audit

17.حڪومت طرفان ڪم

Functions by Government

18.سرڪاري ملازم

Public Servant

19.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

20.ضابطا جوڙڻ جو اختيار

Power to make regulations

# سنڌ ايڪٽ نمبر X مجريه 2006

# SINDH ACT NO.X OF 2006

# سنڌ سرڪاري ملازم هائوسنگ فائونڊيشن ايڪٽ، 2005

# THE SINDH CIVIL SERVANTS HOUSING FOUNDATION ACT, 2005

[22 ڊسمبر 2006]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ سرڪاري ملازمن ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن کي ڪو منافعو نه ڪو نقصان نه جي بنيادن تي گهر فراهم ڪرڻ لاءِ هائوسنگ فائونڊيشن قائم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ سرڪاري ملازمن ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازمن کي ڪو منافعو نه ڪو نقصان نه جي بنيادن تي گهر فراهم ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل ۽ ان جهڙن معاملن لاءِ هائوسنگ فائونڊيشن قائم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، شروعات ۽ عملدرآمد
Short title,

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ سرڪاري ملازم هائوسنگ فائونڊيشن ايڪٽ، 2005 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| commencement and application | (2)هي حصو فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ رهيل گنجائشون اهڙي تاريخ تي ۽ اهڙي طريقي لاڳو ٿينديون جيئن حڪومت طرفان سرڪاري گزيٽ ۾ ڄاڻايو ويو هجي. |
| وصفون Definitions | 2.هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين: |

(a) "بورڊ" مطلب فائونڊيشن جو بورڊ آف ڊائريڪٽرز؛

(b)"سرڪاري ملازم" مطلب:

(i) اهو شخص جيڪو صوبي جي سرڪاري ملازمت جو ميمبر آهي؛

(ii)اهو شخص جيڪو صوبي جي معاملن سان لاڳاپيل سرڪاري عهدو رکي ٿو؛ يا

(iii)پاڪستان جو سرڪاري ملازم، جيڪو حڪومتي ملازمت هيٺ هجي، جنهن فائونڊيشن جي ميمبر ٿيڻ جي چونڊ ڪئي هجي ۽ ميمبر شپ جي بيان ڪيل شرطن موجب هجي؛

بشرطيڪ اهڙو ماڻهو ڪانٽريڪٽ بنيادن تي ملازمت هيٺ نه هجي يا ورڪ چارج بنيادن تي، يا هنگامي حالتن مان ادائگي تي نه هجي؛

(c) "ڪٽنب" سرڪاري ملازمت جي سلسلي ۾ مطلب هيٺين نسبت سان رشتا:

(i) زال، زالون يا مڙس، جيئن معاملو هجي؛

(ii)ٻار، جيڪڏهن گڏ رهندا هجن ۽ مڪمل طور مٿس ڀاڙيندڙ هجن؛ ۽

(iii) والدين، پينر ۽ نابالغ ڀائر، جيڪڏهن گڏ رهندڙ هجن يا مڪمل طور تي مٿس ڀاڙيندڙ هجن؛

(d) "فائونڊيشن" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل سنڌ سول سرونٽس هائوسنگ فائونڊيشن؛

(e) "فنڊ" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل فنڊ؛

(f) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(g) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب فائونڊيشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(h) "ميمبر" مطلب هڪ سرڪاري ملازم يا رٽائرڊ سرڪاري ملازم جيڪو فائونڊيشن جو ميمبر هجي؛

(i) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(j) "ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا ۽ قاعدا؛ ۽

(k) "رٽائرڊ سرڪاري ملازم" مطلب اهو شخص جيڪو صوبي جي سرڪاري ملازمت کان رٽائرڊ هجي.

**فائونڊيشن جو قيام**
**Establishment of the Foundation**

3.(1) هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ جيترو جلدي ٿي سگهي حڪومت هڪ فائونڊيشن قائم ڪندي، جنهن کي سنڌ سول سرونٽس هائوسنگ فائونڊيشن سڏيو ويندو.

(2) ڪارپوريشن باڊي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجائش موجب حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ اختيار حاصل هوندا ته ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪري ۽ رکي سگهي ۽ ان تي

جاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس تي سگهندو.

(3)حڪومت وقت بوقت ملڪيت منتقل يا نزول ڪري سگهندي، زمين، مفت ۾، جيڪا استعمال ڪئي ويندي ان مقصد لاءِ جنهن مقصد لاءِ فائونڊيشن قائم ڪئي وئي آهي.

بورڊ آف ڊائريڪٽر
Board of Directors

4.(1) فائونڊيشن کي هڪ بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(a) چيف سيڪريٽري، چيئرمين

(b) ايڊيشنل چيف سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ، ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر

(c) ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊويزن)، پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر

(d) سينئر ميمبر، بورڊ آف روينيو، ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر

(e) سيڪريٽري فنانس ڊپارٽمينٽ، ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر

(f) سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ، ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر

(g) سيڪريٽري (جي اي)، سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر

کوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ؛

(h) سنڌ جا ٽي سرڪاري ملازم، جن ڊائريڪٽرز؛ مان هڪ بي ايس 17 جي ملازمن جي نمائندگي ڪندو، جيڪي مخصوص عرصي لاءِ حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(i) ٽي ٻيا ماڻهو جيڪي مخصوص عرصي لاءِ حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن؛ ۽ ڊائريڪٽرز؛

(j) فائونڊيشن جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر، جيڪو بورڊ جو سيڪريٽري پڻ هوندو. ڊائريڪٽر

(2) ڊائريڪٽر، جيڪو ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر نہ هوندو، حڪومت جي رضا سان عهدو رکي سگهندو.

(3) حڪومت ڪنهن بہ وقت تي اهڙي ڪنهن ڊائريڪٽر کي بيان ڪيل طريقي موجب سندس مدي دوران هٽائي سگهي ٿي.

(4) ڊائريڪٽر، جيڪو ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر نہ هجي، ڪنهن بہ وقت تي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

عارضي آسامي
Casual Vacancy

5.ڊائريڪٽر جي فوتگي، استعيفيٰ يا برطرفي سبب پيدا ٿيل آسامي سواءِ ايڪس آفيشو ڊائريڪٽر جي، حڪومت طرفان آسامي پرڻ جي لائق اهل ماڻهو ذريعي پري ويندي ۽

اهڙو ڊائريڪٽر اڳوڻي ڊائريڪٽر جي رهيل مدي تائين عهدو رکي سگهندو.

بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

6.(1) بورڊ جو گڏجاڻيون اهڙي طريقي ۽ اهڙي وقت تي ۽ هنڌ تي ڪوٺايون وينديون جيئن ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي، بشرطيڪ جيستائين ضابطا نہ جوڙيا ويا هجن گڏجاڻيون اهڙيءَ ريت ڪوٺايون وينديون جيئن چيئرمين هدايت ڪري.

(2)بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم گهٽ ۾ گهٽ ٽي ايڪس آفيشو ڊائريڪٽرز سميت ڇهہ ڊائريڪٽرز هوندو.

(3) بورڊ جا فيصلا اڪثريت راءِ ۾ موجود ڊائريڪٽرز جي ووٽنگ سان طئي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ڊائريڪٽرز برابر ورهائجي وڃن ٿا تہ چيئرمين کي ووٽ ڏيڻ جو اختيار حاصل هوندو.

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the Board

7.بورڊ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a)هن ڪانپوءِ بيان ڪيل طريقي موجب فائونڊيشن جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بشمول رقم جي خرچ ۽ سيڙپڪاري جي فنڊ جي قيام لاءِ قدم کڻڻ؛

(b)فائونڊيشن جي ملڪيت، فنڊز ۽ وسيلن کي رکڻ، انهن تي ضابطو ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ ۽ اهڙي سڪيورٽي تحت جيئن بيان ڪيو ويو هجي فائونڊيشن جي مقصد لاءِ فنڊز گڏ ڪرڻ؛

(c)ڪمن جي منصوبن تي غور ڪرڻ ۽ فائونڊيشن جي ساليانی بجيٽ منظور ڪرڻ؛

(d) سنڌ صوبي اندر جتي بہ ضروري هجي زمين جو انتظام ڪرڻ، خريد ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ؛

(e) رهائشي ڪالونيز ۽ يونٽس تيار ڪرڻ جي مقصد لاءِ زمين کي ترقي ونرائڻ ۽ انهن کي مسجدن، مارڪيٽن، سماجي سهولتن، تعليمي ۽ صحت مرڪزن يا ٻين ضروري سرگرمين جو ميمبرز ۽ ميمبرز جي خاندانن جي فائدي ۽ ڀلائي لاءِ مهيا ڪرڻ؛

(f) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب گهرن، فليٽس، ميمبرن کي منتقلي لاءِ رهائشي ايڪن لاءِ ڪوارٽرز جي تعمير لاءِ زمين جي ترقيءَ لاءِ مڪ منصوبو تيار ڪرڻ؛

(g) تنظيمون جوڙڻ ۽ اهڙا ماڻهو ملازمت تي رکڻ جيڪي فائونڊيشن جا معاملا هلائڻ لاءِ ضروري هجن؛

(h) فائونڊيشن جي هائوسنگ اسڪيمز مٿان ضابطو رکڻ ۽ سمورين ضروري خدمتن جي فعال هجڻ ۽ مرمت جو خيال رکڻ؛

(i) قبضو رکندڙن کان اهڙيون فيس ۽ ٻيون استعمال ڪندڙن جون چارجز وصول ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(j) فائونڊيشن جا اثاثا، متحرڪ يا غير متحرڪ وڪرو يا نيڪال ڪرڻ اهڙي طريقي جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو ويو هجي؛

(k) فائونڊيشن جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا طئي ڪرڻ؛

(l) فنڊ مان خرچ ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻائڻ؛

(m)پنهنجا ڪي بہ اختيار ۽ ڪم ڪنهن شخص يا ماڻهن جي باڊي کي منتقل ڪرڻ؛

(n)اهڙي ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽيز جوڙڻ جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن؛

(o)فائونڊيشن جي سموري انتظاميا جي نگراني ڪرڻ؛

(p)ضابطن ۽ انهن جي ترميمن جي منظوري ڏيڻ؛ ۽

(q)اهڙا قدم کڻڻ جيڪي مٿين ڪمن لاءِ ضروري ۽ لازمي هجن.

**مئنيجنگ ڊائريڪٽر**
Managing Director

8. (1) فائونڊيشن جو هڪ مئنيجنگ ڊائريڪٽر هوندو، جيڪو فائونڊيشن جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر بورڊ طرفان مخصوص عرصي لاءِ حڪومت جي منظوري سان مقرر ڪيو ويندو.

(3) مئنيجنگ ڊائريڪٽر اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو، جيڪي بورڊ طرفان طئي ڪيا ويا هجن.

(4) مئنيجنگ ڊائريڪٽر اهڙيءَ ريت عهدو ڇڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**ساليانی پروگريس رپورٽ**
Annual progress report

9.(1) مئنيجنگ ڊائريڪٽر هر مالي سال جي آخر ۾ هڪ ساليانی پروگريس رپورٽ تيار ڪندو.

(2) هي رپورٽ بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ جمع ڪرائي ويندي، جڏهن بہ رپورٽ جي تياريءَ کانپوءِ اهڙي گڏجاڻي ڪوٺائي وڃي.

| | |
|---|---|
| 10.(1)هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ جيترو جلدي ممڪن ٿي سگهي فائونڊيشن حڪومت جي مدد سان هڪ فنڊ قائم ڪندي. | فنڊ جو قيام Establisment of fund |
| (2)فنڊ هيٺين تي مشتمل هوندو: | |
| (a) اهڙيون گرانٽس جيڪي وقت بوقت حڪومت طرفان جاري ڪيون وڃن؛ | |
| (b)نجي ۽ عوامي تنظيمن طرفان ڏنا ويا حصا ۽ چندا؛ | |
| (c)اهڙا قرض ۽ ايڊوانسز جيڪي جتي ضرورت هجي مالياتي ادارن کان حڪومت جي مدد سان حاصل ڪيا وڃن؛ | |
| (d)ميمبرز طرفان وقت بوقت ڪيل ڪنٽريبيوشنز؛ | |
| (e)مختلف ذريعن کان ڪمائي ۽ سيڙپڪاري مان فائدو؛ | |
| (f) فيس يا ٻيون استعمال ڪرڻ جون چارجز؛ | |
| (g)فائونڊيشن جي اثاثن جي وڪري يا نيڪال مان حاصل ڪيل رقم؛ ۽ | |
| (h)فائونڊيشن طرفان حاصل ڪيل ٻيون سموريون رقمون ۽ ڪن ٻين وسيلن مان ڪمائي. | |
| (3) فنڊ ۾ جمع ٿيل آمدني کي اهڙي تحويل ۾ رکيو ويندو جيئن مقرر ڪيل هجي. | |
| 11.(1) سرڪاري ملازم ۽ رٽائرڊ سرڪاري ملازم اهڙي طريقي فائونڊيشن جو ميمبر ٿي سگهي ٿو جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي. | فائونڊيشن جي ميمبرشپ Membership of the Foundation |
| (2) ميمبر اهڙو ماهوار ڪنٽريبيوشن ڏيڻ جو ذميدار | |

هوندو، جيئن بورڊ طرفان وقت بوقت طئي ڪيو وڃي.

**ميمبرشپ ختم ڪرڻ**
Termination of membership

12.ميمبر جي ميمبر شپ بورڊ طرفان اهڙيءَ ريت ختم ڪئي ويندي، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

**ڪنٽريبيوشن جمع ڪرڻ جو طريقو ۽ اڪائونٽس سنڀالڻ**
Manner of Collection of Contribution and maintenance of accounts

13.(1) ماهوار ڪنٽريبيوشنز اهڙيءَ ريت ڪيون وينديون، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) فائونڊيشن هر ميمبر جي سلسلي ۾ ڌار حساب رکندي ۽ اهو يقيني بڻائيندي تہ ميمبر طرفان ادا ڪيل ڪنٽريبيوشنز جي رقم حاصل ڪئي وئي آهي ۽ فائونڊيشن جي ڪتابن ۾ حساب رکيو ويو آهي.

**رهائشي ايڪن جو نيڪال**
Disposal of residential units

14. هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، فائونڊيشن ميمبر جي فوتگي جي صورت ۾ پنهنجي ميمبرز يا انهن جي خاندانن جي حق ۾ رهائشي ايڪن کي نيڪال ڪندي.

بشرطيڪ رهائشي ايڪن جي ميمبر جي مٿي ڄاڻايل گهرجن کان وڌي وڃڻ جي صورت ۾، ساڳيو اهڙيءَ ريت نيڪال ڪيو ويندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

**رهائشي پلاٽن جي لوڪيشن،**

15.(1) هائوسنگ اسڪيمز اهڙين جڳهن تي جاري رکيون وينديون جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو ويو هجي پر شروعاتي

**ڪيٽيگرائزيشن، ايلوڪيشن ۽ قيمت**
Location, categorizaton, allocation and price of residential units

اسڪيم مڪ پروجيڪٽ طور هڪ يا وڌيڪ موزون جڳهن تي ڪراچي ۾ شروع ڪئي ويندي ۽ جڏهن هائوسنگ اسڪيمز ٻين هنڌن تي شروع ڪيون وينديون تڏهن ميمبر کي پنهنجي پسند جي جڳهه چونڊ ڪرڻ لاءِ تي آپشنز ڏنا ويندا.

(2) ميمبر کي بورڊ طرفان سندس سينيارٽي، رٽائرمينٽ جي تاريخ يا ٻيون ڪي مستحق هئڻ جون خاص حالتون ڏسي مخصوص ڪيٽيگري جو رهائشي يونٽ ڏنو ويندو.

(3) هر رهائشي يونٽ يا هر رهائشي يونٽ جي ڪيٽيگري جي قيمت بورڊ طرفان طئي ڪئي ويندي.

(4) ميمبر طرفان سموريون ادائگيون مارڪ اپ جي ريٽ تي ساليانو اپڊيٽ ڪيون وينديون، جيئن بورڊ طرفان وقت بوقت طئي ڪيو وڃي.

(5) رهائشي ايڪن جو قبضو تيستائين نہ ڏنو ويندو، جيستائين ايڪي جي مڪمل قيمت جي ادائگي نہ ٿي وئي هجي.

(6) ميمبر بيان ڪيل عرصي لاءِ مليل رهائشي يونٽ کي وڪرو ڪري نہ سگهندو.

**بجيٽ ۽ آڊٽ**
Budget and audit

16. فائونڊيشن جي بجيٽ بورڊ طرفان منظور ڪئي ويندي ۽ ان جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريٽ آڊٽ ڪيا ويندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

| | |
|---|---|
| 17. فائونڊيشن پنھنجا ڪم، قدم اهڙيءَ طرح ڪٽندي، اهڙين هدايتن ذريعي رهنمائي ڪئي ويندي، جيئن حڪومت ان کي وقت بوقت ڏئي. | حڪومت طرفان ڪم<br>Functions by Government |
| (2) حڪومت بورڊ کان ڪا رپورٽ، ڪاغذ، ريٽرن يا ڪا معلومات بورڊ سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت طلب ڪري سگھي ٿي ۽ بورڊ اهڙي درخواست تي عمل ڪندو. | |
| 18.هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش جي سلسلي ۾ ڪم ڪندڙ يا ڪم جو ارادو رکندڙ سمورا ماڻهو سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا، جيئن پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 جي دفعہ 21 ۾ بيان ڪيو ويو آهي. | سرڪاري ملازم<br>Public Servant |
| 19.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگھي ٿي. | قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make rules |
| 20.هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب، بورڊ هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگھي ٿو. | ضابطا جوڙڻ جو اختيار<br>Power to make regulations |
| **نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي.** | |